# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1974
# سنڌ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Ordinance VI of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1974
# سنڌ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[2 مئي 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري

ايجوڪيشن جا بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(شروعات — Short title and commencement)

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

(1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم — Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972)

2. سنڌ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾، (جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايو آرڊيننس سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(a)شق (ix) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان تبديل ڪيو ويندو؛

(b)هيٺين نئين شق جو اضافو ڪيو ويندو:

"(x)ٻين سمورن بورڊس جا چيئرمين."

(1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 8 جي ترميم — Amendment of Section 8 of Sindh Ordinance VI of 1972)

3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) بورڊ جي گڏجاڻين جو ڪورم ڪل ميمبرن جي پنجاھہ سيڪڙو برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي."

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**